# صحيح عقيدا



از قلم
صاحب العلم و العرفان
حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي مجددي
فاروقي (قدس الله سره)

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ١- مهاڳ | |
| ٢- ديباچو | |
| ٣- توحيد | ٩ |
| الله تعاليٰ جي پاڪائي جو شان | ١٠ |
| خدا جي زندگي ۽ طاقت جو بيان | ١١ |
| خدا جي علم جو بيان | ١٢ |
| الله تعاليٰ جي ارادي جو بيان | ١٣ |
| خدا جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت | ١۴ |
| خدا تعاليٰ جو ڪلام | ١۴ |
| ۴- منصب رسالت جو بيان | ١٨ |
| ۵- امت محمديه جو ٧٣ فرقن ۾ ورهائجڻ | ٣٢ |
| ٦- قرآن مجيد ۾ حقيقت ۽ مجاز جو بيان | ٣٧ |
| ٧- نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي علم غيب جو حاصل هجڻ | ٣۴ |
| ٨- ايصال الثواب (ميت کي ثواب پهچائڻ) | ۴٣ |
| صدقي جو ثواب پهچڻ | ۴٦ |
| روزي جو ثواب پهچڻ | ۴٧ |
| حج جو ثواب پهچڻ | ۴٨ |
| قرآن مجيد جي تلاوت جو ثواب پهچڻ | ۴٩ |

D

| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ٩- نور ۽ بشر جو مسئلو | ٥٥ |
| ١٠- غيرالله جي تعظيم | ٥٩ |
| ١١- سماع موتيٰ (مُردن جو ٻڌڻ) | ٦٥ |
| ١٢- توسل (بارگاه الاهي ۾ وسيلو وٺڻ) | ٦٨ |
| ١٣- نداءِ غائب | ٧٠ |
| ١٤- قبور انبياء اولياء جي زيارت | ٧٣ |
| ١٥- شفاعت جو مسئلو | ٧٥ |
| ١٦- عرس مبارڪ ۽ ميلاد النبي | ٨٣ |
| ١٧- ميلاد نبوي جون مجلسون | ٨٦ |
| ١٨- حضور عليه السلام جو تصور | ٨٧ |
| ١٩- حضور صلي الله عليه وسلم جي نالي مبارڪ کان اول سيدنا چوڻ | ٩١ |
| ٢٠- فعل خداوندي ۾ غيرالله کي شريڪ ڪرڻ | ٩٣ |
| ٢١- امڪان ڪذب | ٩٤ |
| ٢٢- صالحن جي ارواحن کان مدد وٺڻ | ٩٥ |
| ٢٣- ٻارن جا نالا انبيا عليهم السلام يا صلحاءِ امت ڏانهن منسوب ڪرڻ | ٩٦ |
| ٢٤- نجدي جو حضرت صاحب سان بحث | ٩٩ |

جمادي الاول سنہ ١٣٠٥ ھہ ٽکڙ شريف ۾ ٿي. ڏهن سالن جي ڄمار تائين پنهنجي ڏاڏي حضرت خواجہ عبدالرحمان جي گود ۾ تربيت ۽ تعليم حاصل ڪيائون. فارسي ڪتاب وٽن پورا ڪري عربي جو پهريون سبق "صرف بهائي" ڪاڻن وٺي، تنهن کانپوءِ باقائده ديني علم جا ڪتاب مولوي عبدالقيوم بختيارپوري مولوي لعل محمد بختياروي ۽ مخدوم حسن الله پاٽائي وٽ پڙهيائون ۽ باقي تعليم مولوي خيرمحمد منگسي وٽ پوري ڪيائون.

سندن عمر مبارڪ ٨٣ سال هئي، جنهن عرصي ۾ ٣-٤ حج ڪيائون، چند مسجدون ٺهرايائون، ڪافي مدرسہ قائم ڪيائون. ۽ اٽڪل ١٥ ڪتاب ۽ ننڍا رسالا تصنيف ڪيائون، جهڙوڪ:

١- انتخاب مڪتوبات شريف (فارسي) جنهن ۾ هرهڪ مڪتوب جو اختصار بابن موجب مرتب ڪيو اٿن. مثلاً باب پهريون عقائد اهل سنت و الجماعت باب ٻيو مسائل فقهي، باب ٽيون حقائق و معارف.

٢- اربعين مڪتوبات (فارسي) جنهن ۾ چاليهہ سولا ۽ سليس مڪتوب چونڊي شاگردن کي پڙهائڻ ۽ ياد ڪرائڻ لاءِ لکيا اٿن.

٣- مونس المخلصين (فارسي) جنهن ۾ پنهنجي والد حضرت خواجہ محمد حسن جان جي سوانح حيات لکي اٿن.

٤- حفظ حديث (فارسي) هي ڪتاب حديث جي منڪرن جي رد ۾ لکيو اٿن.

٥- هداية الحج (سنڌي) هي ڪتاب حج جي مسئلن ۾ بي نظير آهي.

٦- راحة القلوب (سنڌي) جنهن ۾ روحاني ۽ جسماني بيمارين جا علاج لکيا اٿن.

٧- رحمة المخلصين (سنڌي) هن ڪتاب ۾ پنهنجي ننڍپڻ

طرح ڪين غريب نواز ڪري سڏيندا هئا. ميان والي محمد سومرو ۽ ايوب فقير سومرو ۽ دلوجان پٺاڻ سندن خاص خادم هئا.

ماه رجب ١٣٩٧ ۾ پاڻ، حاجي ڪريم بخش خان ۽ رئيس امام بخش خان جتوئي سان گڏ عمري تي ويا، اتي سندن عجيب و غريب ڪرامتون ظاهر ٿيون جن جي ظاهر ڪرڻ جي ممانعت آهي. پاڻ مهينو کن بعد واپس آيا ۽ چند ڏينهن ڪانپوءِ جيپ جي حادثي ۾ انتقال فرمايائون.

(٥) حضرت خواجه عبدالحميد جان، پنهنجي والد صاحب جي انتقال بعد مسند نشين ٿيا، جي انهيءَ سلسلي جي چراغ کي روشن رکندا اچن.

---

غلام اڪبر جتوئي

# توحيد

خدا تعاليٰ پنهنجي برگزيدن بندن کي جناب رسالت مآب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي تابعداريءَ لاءِ اڳي ئي انتخاب ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن صحابه ڪرام رضوان الله عليهم جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ اڳي ئي چونڊي ورتو آهي، پنهنجي تائيد ۽ توفيق سان ـــ الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۾ پنهنجن ڪمن ۾ پنهنجي سهڻين صفتن سان جلوه گر آهي، پر انهن صفتن کي اهوئي لهي سگهي ٿو جيڪو غور ان ڳالهه ڏي ۽ الله تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي، هن اهو به ڪين ڀانئي ڇڏيو آهي ته هو پنهنجي ذات ۾ يڪتا آهي، اهڙو قديم آهي جنهن جي ابتدا ناهي، هميشه موجود آهي جنهن جي آخري حد ناهي، ازل ۽ ابد کان موجود آهي جنهنجي ڪا انتها ناهي، پنهنجي ذات سان هميشه قائم آهي، ڪنهن قسم جي گهٽتائي سندس ذات ۾ باقي ناهي، دائم ۽ قائم آهي جنهن جو خاتمو ناهي، پنهنجن جلالي صفتن سان ازل کان ابد تائين موجود آهي، سندس ذات متعلق ڪڏهن به اهو فيصلو ڪري نٿو سگهجي ته هن جي دائمي زندگي جا اوقات ختم ٿي سگها آهن يا هن جي حياتي جي مدت پوري ٿي وئي آهي، اهوئي اول آهي، اهوئي آخر آهي، اهوئي ظاهر آهي، اهوئي باطن آهي، اهوئي هر شئي کي هميشه کان ڄاڻي ٿو.

جسم (هڪ ٻئي کي) ويجها هوندا آهن، اهڙي طرح سندس حقيقت ڪنهن جسماني حقيقت سان به ٺهي ملي. هو نه ڪنهن ۾ حل ۽ تبديل ٿئي ٿو، نه وري ڪا شئي هن ۾ حل يا تبديل ٿي سگهي ٿي، هو انهيءَ امر کان به مٿانهون آهي ته ڪو مڪان هنکي پنهنجي اندر سمائي سگهي، اهڙي طرح هن امر کان به مٿانهون آهي ته ڪو زمانو هنکي محدود ڪري سگهي، بلڪ هو خود مڪان ۽ زمان کي پيدا ڪرڻ کان اڳ موجود هو ۽ هاڻي به اهڙي طرح موجود آهي جيئن پهريائين موجود هو. هو پنهنجن صفتن ۾ پنهنجي مخلوق کان نرالو آهي، هن جي ذات ۾ نه غير موجود آهي ۽ نه غير ۾ هو موجود آهي، هو تغير ۽ تبديل کان پاڪ آهي. ناپائدار صفتون هن ۾ موجود نه آهن بلڪ هو پنهنجي جلال سان موجود آهي ۽ زوال کان پاڪ آهي. هو پنهنجي ڪامل صفتن سان موجود آهي ۽ ڪنهن ٻي تڪميل جي هنکي ضرورت نه آهي. صرف عقل سان ئي هنجو وجود معلوم ٿي سگهي ٿو. سندس ذات اک سان به ڏسي سگهجي ٿي (ليڪن تڏهن) جڏهن آخرت ۾ پنهنجن نيڪ بندن تي فضل و ڪرم جي نظر ڪرڻ فرمائيندو ۽ پنهنجي مبارڪ چهري جي ديدار سان انهن تي پنهنجي نعمت جي تڪميل ڪرڻ فرمائيندو.

## خدا جي زندگي ۽ طاقت جو بيان

هو زنده طاقتور صاحب قدرت هر شئي تي غالب، هر شڪسته دل جو سهارو آهي، هن ۾ ڪابه ڪوتاهي نه آهي ۽ نه عاجزي آهي. هن کي نه ننڊ اچي ٿي ۽ نه ننڊ جو جهوٽو اچي ٿو، هو موت ۽ فنا کان بي نياز آهي، هو حڪومت ۽ بندوبست جو مالڪ آهي، عزت ۽ غلبي جو مالڪ آهي، مخلوق تي تسلط ۽ غلبو هن جو ئي آهي، اهوئي نسل مان پيدا ڪري

ٿو، ۽ اھوئي ڪُنْ چوڻ سان پيدا ڪري ٿو، سڀ آسمان ھنجي دست قدرت جي ساڄي ھٿ ۾ ويڙھيل آھن ۽ سموري مخلوقات ھنجي قبضي قدرت ۾ مغلوب آھي. صرف اھوئي مادہ سان ۽ بغير ڪنھن مادہ جي پيدا ڪري سگھي ٿو، ھو پنھنجي ايجاد ۾ يڪتا آھي، ھن ئي پنھنجي مخلوق ۽ انھن جي اعمالن کي پيدا ڪيو آھي، ھن ئي انھن جي روزي ۽ موت جو صحيح اندازو لڳايو آھي، ڪابہ مخلوق ھنجي قدرت کان خارج ناھي، ساري ڪائنات جا تصرفات بہ ھن جي قدرت کان ٻاھر نہ آھن، ھن جي قدرت جو اندازو نٿو لڳائي سگھجي ۽ نہ وري ھن جي معلومات جي ڪا انتھا آھي.

## خدا جي علم جو بيان

ھو سڀني شين جو ڄاڻندڙ آھي، ھنجو علم انھن سڀني شين تي حاوي آھي جيڪي زمين جي ڪنارن کان آسمانن جي بلنديءَ تائين جاري آھن. ھو اھڙو تہ عالم (ڄاڻندڙ) آھي جنھن جي علم کان ذري برابر بہ آسمان ۽ زمين جي ڪا شئي ٻاھر نہ آھي بلڪ سخت پٿر تي، رات جي انڌيري ۾ جڏھن ڪارا ماڪوڙي آھستي آھستي ڌيمي پيرن سان ھلي ٿي تہ انجي رفتار کان بہ آگاہ آھي، جيڪي ذرات ھوا ۾ اڏامن ٿا انھن جي حرڪت کي بہ ھو ڄاڻي ٿو، ھو راز ۽ راز کان بہ پوشيدہ تر ڳالھہ کي بہ ڄاڻي ٿو، دل جي خيال ۽ خيال جي حرڪت کي بہ ڄاڻي ٿو، ھو لڪل کان لڪل راز کي بہ ڄاڻي ٿو. مگر ھن جو اھو علم ازلي آھي جيڪو ھميشہ کان ھميشہ ھنجي صفت آھي. ھو ڪنھن نئين پيدا ٿيل علم سان نٿو ڄاڻي جيڪو ھنجي ذات ۾ ڪڏھن اچي ۽ ڪڏھن غائب ٿي وڃي.

فرض نہ ھو. اھو سڀ ڪجھہ ھنجو فضل، احسان، نعمت ۽ انعام آھي، انھيءَ ڪري تہ ھو ھر وقت قادر آھي تہ پنھنجي بندن تي قسمين قسمين عذاب آڻي ۽ طرح طرح جي مصيبتن ۾ مبتلا ڪري، اگر ائين ڪري تڏھن بہ ھنجو عدل نہ ڇنبو ۽ ھن لاءِ ڪوبہ ڪم معيوب نہ آھي. خدا تعاليٰ پنھنجي واعده مطابق پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان بندن کي پنھنجي اطاعت قبول ڪرڻ تي ثواب ڏئي ٿو ورنہ بندن جو ھنتي ڪوبہ حق نہ آھي ۽ نہ ئي ڪو فرض ھنتي عائد ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ ھنتيءَ ڪوبہ فعل واجب ٿي نٿو سگھي ۽ نہ وري ھن ڪان ڪنھن ظلم جو تصور ئي ڪري سگھجي ٿو. ڪنھن جو حق ھنجي ذمي واجب نہ آھي مگر مخلوق تي ھنجو حق اطاعت جو واجب آھي جيڪو ھن پنھنجي نبين ذريعي بيان فرمايو آھي. اھو حق اطاعت فقط عقل سان معلوم نہ ٿئي ھا تنھنڪري ھن پنھنجا رسول موڪليا ۽ ڪليل معجزن سان سندن صداقت جو اظھار ڪيائين تہ پوءِ انھن خدا جي امر نھي، واعده وعيد جي خبر ڏني، تنھنڪري مخلوق تي واجب ٿي ويو تہ جو ڪجھہ ھو چون ٿا انجي تصديق ڪن.

—

# منصب رسالت جو بيان

خدا تعاليٰ پنهنجو نبي امي قريشي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم کي تمام ڪائنات ڏانهن رسول ڪري موڪليو، خواه عرب هجي يا عجم، جن هجن يا انسان، تمام سابق شرعي احڪام منسوخ ڪيا ويا سواء ڪن چند اصولي احڪامن جي تمام انبياءَ عليه السلام تي ڪين فضيلت بخشي وئي. ڪين سيدالبشر بنايو ويو ۽ جيسين "محمد رسول الله" جو اقرار نه آهي تيسين اقرار توحيد "لااله الاالله" چوڻ کان روڪي ڇڏيائين ۽ مخلوق تي سندس تصديق ڪرڻ فرض ڪري ڇڏيائين ۽ انهن احڪامن جي تصديق ڪرڻ پڻ فرض ڪري ڇڏيائين جيڪي پاڻ ڪريمن دنيا ۽ آخرت جي باري ۾ بيان فرمايا آهن. اهو به فرض ڪري ڇڏيائين ته ڪنهن جو به ايمان معتبر نه آهي جيستائين اهي سڀ ڳالهيون نه مڃي جيڪي حضور صلي الله عليه وسلم جن بعدازموت متعلق بيان فرمايون آهن.

جن مان اول منڪر نڪير جا سوال آهن، اهي ٻئي فرشتا هيبت ناڪ ۽ خوفناڪ آهن جيڪي قبر ۾ ميت کي اٿاري سڌو ڪري ويهاريندا جنهن ۾ روح ۽ جسم ٻئي هوندا. پوءِ توحيد ۽ رسالت نبوي جا سوال ڪندا ته (١) تنهنجو رب ڪير آهي؟ (٢) تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ (٣) تنهنجو نبي ڪير آهي؟- اهي ٻئي فرشتا قبر جو امتحان آهن جاڪاڻ ته مرڻ بعد قبر ۾ پهريون امتحان انهن جا سوال آهن. اهو به ضروري آهي ته مومن قبر جي عذاب کي مڃي ته اهو برحق آهي، حڪمت ۽ عدل آهي، جسم ۽

ڪان به سوال ڪندو ته توهان ڪيئن تبليغ ڪئي. مالڪ چاهيندو ته ڪافرن ۽ منڪرن کان به سوال ٿيندا ته ڇو توهان رسولن کي ڪوڙو سمجهيو. بدعتي ۽ مخالف سنت کان به سوال ٿيندا ته ڇو توهان سنت طريقو ڇڏي ڏنو ۽ اهل اسلام وارن کان عملن جا سوال ٿيندا.

مومن اهو به مڃي ته اهل توحيد جهنم مان سزا ڀوڳي آخرڪار ڇوٽڪارو حاصل ڪندا، تان جو خدا جي فضل، سان ڪوبه اهل توحيد جهنم ۾ نه رهندو.

هي به مڃي ته انبيا عليه السلام شفاعت ڪندا، انکانپوءِ اهل علم، پوءِ شهيد ۽ آخر ۾ اهل اسلام پنهنجي پنهنجي درجي ۽ منزل مطابق شفاعت ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪو مومن بغير شفاعت جي جهنم ۾ پيو هوندو ۽ انجو ڪوبه شفيع نه هوندو ته اهو الله تعالىٰ جي فضل سان جهنم مان ڪڍيو ويندو ۽ دوزخ ۾ ڪوبه اهل ايمان باقي نه رهندو بلڪ جنهن جي دل ۾ ذري برابر به ايمان هوندو ته انکي به جهنم مان ڪڍيو ويندو.

مومن اهو بـه مڃي ته صحابه ڪرام جـي فضيلت برحق آهي ۽ انهن جي ترتيب وار فضيلت هن ريت آهي ته حضور عليه السلام کانپوءِ افضل الناس حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه آهي، پوءِ حضرت عمر فاروق، پوءِ حضرت عثمان غني، پوءِ حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنهم. اهو به ضروري آهي ته مومن صحابه ڪرام لاءِ حسن ظن رکي ۽ جهڙي طرح الله تعالىٰ ۽ حضور عليه السلام انهن جي تعريف ۽ توصيف ڪئي آهي هو به اهڙي طرح انهن جي تعريف ۽ توصيف ڪري.

انهن سڀني عقيدن جي باري ۾ شاهدي حديثن ۾ آيل آهي ۽ اصحابن جا قول شاهد آهن. جيڪو ماڻهو انهن سڀني عقيدن کي مڃي اهو اهل حق آهي، اهل سنت آهي ۽ انکي اهل بدعت

گمراه فرقن کان الگ سمجهيو ويندو. اسان سڀني جو فرض آهي ته خدا تعاليٰ کان ڪمال يقين ۽ اسلامي استقلال جي دعا گهرون، پنهنجي لاءِ سڀني مسلمانن لاءِ، ڇاڪاڻ ته اهوئي ارحم الراحمين آهي.

**وصلى الله عليٰ سيدنا محمد و آله و اصحابه اجمعين**

هيستائين جيڪو اسانکي امام غزالي (رح) جي ڪتاب "قواعد العقائد" تان نقل ڪرڻو هو سو نقل ڪيوسون.

# امت محمديه جو ٧٣ فرقن ۾ ورهائجڻ

هاڻي هن رسالي جو مولف پنهنجو مضمون شروع ڪري ٿو: بسم الله الرحمان الرحيم وبه نستعين. يا الله جيڪا حق ڳالهه آهي اها سچ پچ حق ڪري ڏيکار ۽ جيڪا باطل ڳالهه آهي اها واقعي باطل ڪري ڏيکار ۽ باطل کان اسانکي ڪناره ڪشي نصيب فرماءِ. واضح هجي ته اڄ ڪلهه امت محمديه ۾ عقيدن جو وڏو اختلاف آهي ۽ انهن جا رايا مختلف آهن ۽ انهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت ۽ بغض پيدا ٿي ويو آهي. هر هڪ فرقي جي اها دعوي آهي ته اسين حق تي آهيون ۽ ٻيا سڀ باطل تي آهن. حضور عليه الصلواة والسلام اسانکي اڳيئي ئي خبر ڏئي ڇڏي آهي ۽ فرمايو آهي ته منهنجي امت ٧٣ فرقن ۾ ورهائجي ويندي. اها حديث پورن سوالن جوابن سان سون ڪتاب الاصول الاربع في ترديد الوهابية جي آخر ۾ نقل ڪئي آهي، پر تڏهن به فائدي جي تڪميل لاءِ هتي به نقل ڪريان ٿو. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته منهنجي امت تي اهڙو ته انقلاب ايندو جهڙو بني اسرائيل تي آيو هو. هوبهو ايستائين جو اگر انهن مان جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي ماءُ سان بدفعلي ڪئي هوندي ته منهنجي امت ۾ به اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا جيڪي ائين به ڪري گذريندا ۽ بني اسرائيل جي امت ٧٢ فرقن ۾ ورهائجي ويئي هئي

ترمذي). حضرت ابو بصره کان روايت آهي ته حضور عليہ السلام فرمايو ته مون خدا تعاليٰ کي اها التجا ڪئي هئي تہ منهنجي امت کي گمراهيءَ تي متفق نہ ڪج، ته خدا تعاليٰ مونکي اهو عطيو بخشي ڇڏيو (رواہ طبراني) حضرت ابن عباس رضي الله عنہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو ته جيڪو ماڻهو جماعت کان جدا ٿي مرندو ته اهو بي دينيءَ جو موت مرندو (رواہ البخاري)

جيڪڏهن اهو سوال ڪيو وڃي ته اگرچہ حديث ۾ لفظ جماعت يا لفظ اجتماع آيل آهي ليڪن حديث ۾ اها وضاحت آيل نہ آهي ته جماعت مان مراد ڪثرت افراد آهن، ته انجي جواب ۾ اسين هيٺئن چونداسون ته حضرت ابن عمر کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي ته توهين ڪثير التعداد جماعت جي تابعداري ڪريو ورنہ جيڪو انهيءَ کان الڳ ٿيندو اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو (رواہ ابن ماجہ) حضرت معاذ بن جبل کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي ته شيطان انسان لاءِ بگهڙ آهي جهڙي طرح رڍن ۽ ٻڪرين لاءِ بگهڙ هوندو آهي. بگهڙ انهيءَ رڍ يا ٻڪريءَ کي آساني سان جهلي ٿو وٺي جيڪا ڌڻ کان ڌار چرندي آهي يا ڪناره ڪشي ڪندي آهي، توهين اهڙي ڪناره ڪشي کان پاسو ڪريو ۽ عام اهل اسلام جماعت جي دامن کي سوگهو جهليو (رواہ احمد) حضرت ابوهريره کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي ته جيڪو جماعت کان هڪ گراٽ به پري ٿيندو ته ائين سمجهو ته هن اسلام جو پٽو پنهنجي ڳچيءَ مان لاهي ڇڏيو (رواہ احمد ابو دائود) اها حديث .مشڪواة شريف ۾ بہ آهي بهرحال **"السواد الاعظم يا العامة"** اهو لفظ ڪثرت افراد جي وضاحت ڪري ٿو ۽ اهل سنت

والجماعت جي افرادن جي ڪثرت تمام گمراه فرقن جي مقابلي ۾ بلڪل واضح ۽ صاف آهي ۽ هر ڪنهن کي معلوم آهي. تنهنڪري ثابت ٿيو ته انهيءَ حالت ۾ فرقه ناجيه مان مراد اهل سنت والجماعت آهي جيڪي مشهور مذاهب اربع جا مقلد آهن.

الحمد لله علیٰ ذالک

# قرآن مجيد ۾ حقيقت ۽ مجاز جو بيان

انهيءَ معلومات کانپوءِ واضح هجي ته عرب ۽ عجم جي سڀني زبانن ۾ "حقيت ۽ مجاز" جو استعمال عام آهي، خواه اهو چڱو هجي يا خراب ايستائين جو خود ڪلام الاهي ۾ به اهڙا نمونا موجود آهن، چنانچه اسان چند آيتون پيش ڪريون ٿا:-

١- اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا

خدا تعاليٰ موت جي وقت، روح کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري وٺندو آهي (پاره ٢٤، سورة زمر رڪوع ٥) پوءِ وري فرمايائين ته:

قُلْ يَتَوَفّٰكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ -

ملڪ الموت توهان جو ساهه قبض ڪري ٿو جيڪو توهان تي مسلط ڪيو ويو آهي (پاره ٢١ سورة السجدة رڪوع ١) هتي توفّي جو تعلق خدا سان حقيقي آهي ۽ فرشتي سان مجازي.

---

٢- يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ○

خدا جنهن کي گهري تنهنکي ڌيئرون ڏئي ۽ جنهنکي گهري پٽ ڏئي (پاره ٢٥ سورة شوريٰ رڪوع ٥)

وري حضرت جبرائيل عليه السلام جو قول هن ربت آهي.

قَالَ إِنَّمَا أَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ لِأَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا

ٻاڻ بي بي مريم عليها السلام کي هيئن چيائين ته آءٌ انهيءَ ڪري تو وٽ آيو آهيان ته توکي مقدس پٽ ڏيان (پاره ١٦ سورة مريم رڪوع ٢) هتي خدا جي بخشش، حقيقي آهي ۽ حضرت جبرائيل جي مجازي،

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ

اي منهنجا ٻانهو جن پنهنجي اعتدالي ڪئي سي رحمت الاهي کان نااميد نه ٿيو (پاره ٢٤ سورة الزمر رڪوع ٦) شيطان کي هيئن چيائين:

اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ ـ

منهنجي ٻانهن تي تنهنجو تسلط نه ٿيندو (پاره ١٤ سورة حجر رڪوع ٣) وري فرمايائين ته:

وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ ـ

توهين پنهنجن ٻانهن ۽ ٻانهين جا نڪاح ڪري ڇڏيندا ڪريو (پاره ١٨ سورة نور رڪوع ٤) پهرين ٻن آيتن ۾ عبد جو تعلق خدا سان حقيقي آهي ۽ ٽين آيت ۾ عبد جو تعلق مائهن سان مجازي آهي.

## ٤- يُحْيِي وَ يُمِيتُ

خدا تعالي ئي موت ۽ حيات ڏني ٿو (پاره ٢٧ سورة الحديد رکوع ١) ٻِيءَ حضرت عيسي عليه السلام جو قول هيئن آهي ته:

## وَاُحْيِ الْمَوْتٰي بِاِذْنِ اللّٰهِ

آءٌ خدا جي حڪم سان مردن کي زنده ڪندو آهيان. (پاره ٣ سورة ال عمران رکوع ٥) ته پوءِ زندگي ڏيڻ جو تعلق خدا سان حقيقي آهي ۽ حضرت عيسي عليه السلام سان مجازي.

## ٥- وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ○

خدا جنهن کي چاهي سڌي راهه ڏيکاري ٿو (پاره ٢ سورة بقره رکوع ٢٦) ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي چيائين ته:

## وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ○

تون ماڻهن کي سڌي واٽ ڏيکارين ٿو (پاره ٢٥ سورة شوري رکوع ٥) هتي هدايت الاهي حقيقي آهي ۽ هدايت نبوي مجازي.

## ٦- يُدَبِّرُ الْاَمْرَ

خدا تعالي ڪائنات جي تدبير ڪري ٿو (پاره ١١ سورة يونس رکوع ١) وري فرمايائين ته

## فَالْمُدَبِّرَاتِ اَمْرًا ○

قسم آهي انهن جو جيڪي تدبير ڪندڙ آهن (پاره ٣٠ سورة والنازعات رکوع ١) پهرين آيت ۾ حقيقت آهي ۽ ٻيءَ ۾ مجاز.

٧- قُلْ لَا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ

چئو ته جيڪي ماڻهو ۽ فرشتا آسمان ۽ زمين ۾ آهن انهن مان ڪوبه غيب ڪي نٿو ڄاڻي مگر الله تعاليٰ ئي غيب ڄاڻي ٿو (پاره ٢٠ سورة نمل رڪوع ٥) حضرت عيسيٰ عليه السلام جو حال وري هيئن ٻڌائين ٿا ته هو چوندو هو ته:

وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ فِيْ بُيُوْتِكُمْ

آءٌ توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندس جيڪو توهان کائو ٿا يا پنهنجن گهرن ۾ جمع ڪري رکو ٿا (پاره ٣ سورة آل عمران رڪوع ٥) وري حضرت يوسف عليه السلام جي باري ۾ فرمايائين ته هن ٻن قيدين کي هيئن چيو ته:

قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ

توهان جي خوراڪ نه ايندي جيڪا اوهانکي ڏني ويندي آهي پر انجي اچڻ کان اول توهان جي خوابن جو تعبير ڪري وٺندس (پاره ١٢ سورة يوسف رڪوع ٥) پهرين آيت ۾ حقيقت آهي ۽

---

پوئن ٻن آيتن ۾ مجاز آهي.

---

٨- حضرت ابراهيم عليه السلام جو قول هيئن آهي ته تون چوين ٿو ته:

وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ

آءُ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان تہ خدا ئي مونکي شفا ڏئي ٿو (پاره ١٩ سورة شعرآء رکوع ٥) ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام وري ٿو تہ

وَاُبْرِيءُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰي بِاِذْنِ اللّٰهِ

آءٌ ماءُ پيٽان انڌن کي ۽ ڪوڙهہ جي بيمارن کي شفا ڏيان ٿو ۽ خدا جي حڪم سان مردن کي بہ زنده ڪريان ٿو. (پاره ٣ سورة آل عمران رکوع ٥) ڀهرين آيت ۾ حقيقت آهي ۽ ٻيءَ ۾ مجاز.

٩ـ فرمايائين:

وَهُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ۝

خدا ئي پيدا ڪندڙ ۽ خوب ڄاڻندڙ آهي (پاره ٢٣ سورة يٰسين رکوع ٥) وري حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو قول بيان ڪيائين تہ:

اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ، اَنِّيْۤ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِ اللّٰهِ

آءٌ مٽيءَ مان پکين جي شڪل ۽ صورت ٺاهيندو آهيان ۽ انهن کي ڦوڪ ڏيندو آهيان تہ اهي خدا جي حڪم سان پکي ٿي پوندا آهن (پاره ٣ سورة آل عمران رکوع ٥) هتي بہ پهرين

حقيقت آهي ۽ بيو مجاز.

١٠ - فرمايائين ته!

إِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِينُ ۝

خدا ئي هرهڪ جو رازق آهي ۽ زبردست طاقت جو مالڪ آهي (پاره ٢٧ سورة ذاريات رڪوع ٣) وري فرمايائين ته:

وَإِذَا حَضَرَ الْقِسْمَةَ أُولُوا الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينُ فَارْزُقُوهُم مِّنْهُ

ميراث جي ورهائڻ وقت جيڪي رشتيدار يتيم ۽ مسڪين حاضر هجن ته ان مان انهن کي به رزق ڏيو (پاره ٤ سورة نساء رڪوع ١) هتي به ٻنهي حقيقت ۽ بيو مجاز آهي.

١١ - فرمايائين ته:

إِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيعُ الْبَصِيرُ ۝

خدا تعاليٰ ئي سميع بصير آهي (پاره ٢٤ سورة مؤمن رڪوع ٢) وري فرمايائين ته:

إِنَّا خَلَقْنَا الْإِنسَانَ مِن نُّطْفَةٍ أَمْشَاجٍ نَّبْتَلِيهِ فَجَعَلْنَاهُ سَمِيعًا بَصِيرًا ۝

اسان انسان کي مخلوط نطفي مان پيدا ڪيو تانڪ انکي دنيا جي آزمائش ۾ وجهون ۽ پوءِ هنکي سميع ۽ بصير بنايوسون (پاره ٢٩ سورة دهر رڪوع ١) ٻنهي سميع ۽ بصير حقيقت آهي ۽ بيو مجاز.

مطلب ته انهيءَ قسم جون قرآني آيتون ۽ حديثون ڪافي آهن.

جڏهن ته حقيقت ۽ مجاز جو استعمال قرآن شريف ۾ موجود آهي ته پوءِ جيڪڏهين انکي خدا جا بندا پنهنجي محاوري ۾ استعمال ڪن ته ڪهڙي برائي ٿيندي. بهرحال انهيءَ اصول تي ڪيترن ني مسئلن جو بنياد آهي جيڪي مذاهب اربع جي مقلدين (پيروي ڪندڙ) ۽ وهابين جي وچ ۾ زير بحث ۽ دليل بازي جي جنگ جو ميدان بنيل آهن ۽ اهڙي طرح انهن مان هن جي وچ ۾ جيڪي انهن جي طريقي تي آهن.

---

# نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي علم غيب جو حاصل هجڻ

انهن مسئلن مان هڪ علم غيب جو مسئلو به آهي، يعني ته علم غيب حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم کي ۽ خاصان امت محمديه کي حاصل هو يا نه؟

جيڪڏهن حضرت عيسي عليه السلام کاڌي ۽ گهرن جي ذخيري متعلق غيب جي خبر ڏيندا هئا ته پوءِ اهڙا ڳالهه ڇو جائز ۽ ممڪن نه ٿيندي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ امت محمديه جا خاص خاص مقرب بندا به غيب جون چند خبرون ڏين يا دنيا جي مستقبل جا حالات ۽ برزخ جا حالات ٻڌائين. اگر اهو اعتراض ڪيو وڃي ته اهو ته حضرت عيسي جو معجزه هو، ته اسين به چئون ٿا ته اسانجي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي غيب داني ڇو معجزو نٿو ٿي سگهي؟ ۽ امت (محمديه) جي مقرب بزرگن لاءِ ڪرامتون ڇو نه ٿيون ٿي سگهن؟ جيڪڏهن ائين چيو وڃي ته حضرت عيسي عليه السلام کي ته خود خداتعالي ڄاڻائي ڇڏيندو هو ته اسين به چونداسين ته اسانجي رسول اڪرم صلي الله عليه سلم کي به خود خداتعالي ڄاڻائي ڇڏيندو هو.

ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب ٿيندو؟ ته اسين جواب ڏينداسون تــه ڪنهن شخص کي ڪنهن صفت سان موصوف ڪرڻ جي اها معني نه ٿيندي آهي ته انهيءَ صفت جا تمام قسم ان ۾ موجود هجن، بلڪ ايترو ضروري هوندو آهي ته انهيءَ بعض (خاص) حصا ان ۾ موجود هجن چاڪاڻ ته جيڪڏهن ائين چئجي ته زيد عالم آهي ته انمان اها مراد نه هوندي آهي ته زيد تمام قسمن جا دينوي علوم حلال و حرام وغيره سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو بلڪ بلا تڪلف اهو ئي ذهن ۾ ايندو آهي ته زيد مروّجه علمن جو عالم آهــي جيڪي روزمره استعمال ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح خدا تعالي جــو قول آهي ته:

اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَيَطۡغٰۤي اَنۡ رَّاٰهُ اسۡتَغۡنٰى ۝

بيشڪ انسان حد کان وڌي وڃي ٿو جڏهن هــو پاڻ کي مالدار ڏسي ٿو (پاره ۳۰ سورة اقرء رڪوع ۱) ته انهيءَ مان مراد به بعض انسان آهن ورنه مالدار ته ڪيترا خدا جا نيڪ بندا به ٿي گذريا آهن بلڪ مالدار ته نبي سڳورا ۽ رسول به هئا.

# ايثال الثواب

# (ميت کي ثواب پهچائڻ)

اختلافي مسئلن مان هڪ ايثال ثواب جو مسئلو به آهي، ته آيا مري ويلن جي روح کي پنهنجي عملن جو ثواب پهچائڻ جائز آهي يا نه؟ مخالف چون ٿا ته حرام آهي، يا ممنوع آهي، يا بي فائده آهي، جنهن ۾ نه نفعو آهي نه نقصان. انهيءَ باري ۾ انهن جا خيالات مختلف آهن: ڪن جو دليل آهي ته خدا تعاليٰ فرمايو آهي ته "انسان کي پنهنجي ئي ڪمائي ڪم ايندي". انهيءَ مسئلي ۾ پنهين ڌرين جي عالمائن ۾ وڏو اختلاف آهي، انهن دليلن جو ذڪر ڪرڻ ۾ گهڻي ڊيگهه ٿيندي، هن رسالي جي مصنف عبد ضعيف جڏهن شيخ ابن قيم جوزي حنبلي جو هن مسئلي تي مضمون ڏٺو، سو نهايت انصاف سان پرپل نظر آيو ته پوءِ مون به اهوئي اختيار ڪيو ۽ اهوئي پسند ڪيو ته شيخ موصوف جي عقيدن سان هنن جي عقيدن جو مقابلو ڪريان، ڇاڪاڻ ته هنن مسئلن ۾ شيخ موصوف مخالفن جو هڪ مڃيل بزرگ آهي، اميد ته اهي به حق جي طرف موٽندا، تنهنڪري شيخ موصوف رحمة الله عليه جو اهو اقتباس پيش ڪريان ٿو جيڪو هن پنهنجي ڪتاب "ڪتاب الروح" ۾ درج ڪيو آهي:

لکن ٿا ته سورهون مسئلو اهو آهي ته آيا مرده جو روح،

جو ثواب پهچائي ها ۾ طريقو جواب جو نهايت لطيف ۽ خوب آهي. سمورو مضمون هتي پورو ٿيو جيڪو شيخ ابن قيم جوزي پنهنجي ڪتاب الروح جي سورهين مسئلي ۾ درج ڪيو آهي.

هاڻي عبد ضعيف هن رسالي جو مؤلف چوي ٿو ته جيڪڏهن توهين ڪنهنکي هيئن چئو ته تو وٽ دنياوي مال فقط اهوئي آهي جنهنجو تون هينئر مالڪ آهين. مگر انگلينڊ ۽ جي ڪراچي هنکي تمام گهڻو مال ڏني وهي، ته انهيءَ مال ملڻ بعد، توهان جو پهريون چوڻ به غلط نه ٿيندو" ته تون صرف ايتري ئي مال جو مالڪ آهين جيڪو هينئر تو وٽ آهي (انتهي)

# مسئله نورانيت، بشريت رسول الله صلى الله عليه وسلم

اختلافي مسئلن مان هڪ مسئلو بشريت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو به آهي. هڪ جماعت جو چوڻ آهي ته جيڪو شخص

انهن ٻنهين ڳالهين جي تشبيه تڏهن ئـي ٺهندي جڏهين ٻنهين جي بظاهر ٻڌڻ کي تسليم ڪجي. ته پوءِ حقيقت هيءَ آهي ته جهڙي طرح ڪفار بظاهر ٻڌن ٿا، ته مرده به بظاهر ٻڌن ٿا، مگر تصديقي ٻڌڻ کان ٻئي محروم آهن؛ ڇاڪاڻ ته ڪفار انڪار قلبي جي ڪري ٻڌڻ کان محروم آهن؛ ۽ مرده انهيءَ ڪري محروم آهن جو اهي جواب نٿا ڏئي سگهن. ته گويا اهي (مرده) به نٿا ٻڌن.

هاڻي ٻنهين آيتن جو مفهوم هيئن آهي ته توهان انهن کي نٿا ٻڌائي سگهو، مگر الله انهن کي ٻڌائي ڇڏيندو. جيئن ته ارشاد آهـــي ته تـــوهان انهن کي هدايت نٿا ڏئي سگهو جن کي توهين چاهيو، ليڪن الله جنهن کي چاهي هدايت ٿو ڏئي. قرآن شريف ۾ انجي تشريح به موجود آهي ته خدا جنهن کي چاهي ٻڌائي ٿو ڇڏي؛ توهين اهل قبور کي نٿا ٻڌائي سگهو-

هاڻي اسان اصل مسئلي سماع موتيٰ ڏانهن اچــون ٿــا ۽ چئون ٿا ته ٻڌڻ، ڏسڻ، ڳالهائڻ، حملو ڪرڻ، هلڻ چلڻ اهي تمام خود مختياري فعل روح انسانيءَ جا فرض آهن- جيستائين انسان زنده رهي ٿو تيستائين انجو روح، حواس ۽ بيروني عضون جي مدد سان اهي فرائض ادا ڪري ٿو ليڪن موت بعد روح جو فرض آهي ته حواس ۽ بيروني عضون جي مدد کانسواءِ اهي سڀ ڪم ڪري. انجو مثال ننڊ آهي. ننڊ جي حالت ۾ سڀ عضوا بيڪار ٿي ويندا آهن، خواه ظاهري هجن يا باطني ۽ بيروني عضوا به ڪم کان رهجي ٿا وڃن مگر روح بدستور هلي ٿو، ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو، ڳالهائي ٿو، حملو ڪري ٿو، لذيذ شين مان لذت حاصل ڪري ٿو ۽ موذي شين مان تڪليف به پائي ٿو. ته پوءِ ثابت ٿيو ته زنده جو روح ننڊ جي حالت ۾ اگرچه جسم جي قيد ۾ آهي تڏهن به سڀ ڪجهه ڪري ٿو؛ ته پوءِ جڏهن مرده جو

يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْآ اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ

"اي انسانو جن ايمان آندو آهي، خدا جي عذاب کان ڊڄو ۽ ان ڏانهن وسيلہ نجات طلب ڪريو. (پاره ٦ سورة مائده رڪوع ٦) هن آيت سڳوريءَ ۾ وسيلو طلب ڪرڻ کان پهريائين هي "لفظ آهي تہ الله تعاليٰ جي عذاب کان ڊڄو. هن مان اشارو آهي تہ خدا تعاليٰ جي مقدس بارگاه ۾ وسيلي وٺڻ جو شوق ڏياريو ويو آهي ۽ ان کي واجب قرار ڏنو ويو آهي ۽ عباد الله جي وسيلہ پيش ڪرڻ سان ادب جي تعليم ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ دنياوي اڪابرن کان عام طرح حاجت طلب ڪرڻ وقت ائين ئي هوندو آهي تہ هديہ يا تحفہ کي وسيلو بنايو ويندو آهي يا هن جي ڪنهن مقرب دوست جي سفارش پيش ڪئي ويندي آهي جنهن جي عزت هن بزرگ جي دل ۾ هوندي آهي. علي هذا لقياس انهيءَ وانگر عالم الغيب خدا بادشاهہ حقيقي جي بارگاه ۾ پنهنجي حاجت طلب ڪرڻ، سواءِ وسيلي پيش ڪرڻ جي يا ڪنهن ٻئي ذريعي تلاش ڪرڻ جي درست نہ آهي. هن سخي بي پرواه خدا تعاليٰ جي دربار ۾ بهترين تحفہ اهوئي آهي تہ الله تعاليٰ جي نيڪ بندن جي روحن کي وسيلو ورتو وڃي.

مگر مخالف چون ٿا تہ جنهن وسيلي پيش ڪرڻ جو حڪم قرآن شريف ۾ آيو آهي ان مان مراد صرف اعمال صالح آهن ۽ ڪنهن جي شخصيت وسيلو ٿي نٿي سگهي. ثبوت ۾ اها حديث پيش ٿا ڪن تہ ٽي ماڻهو غار ۾ ڦاسي پيا هئا. حضور عليہ السلام فرمائين ٿا تہ هنن پنهنجن پنهنجن نيڪ عملن کي پيش ڪري دعا گهري ۽ اها دعا منظور ٿي.

اسين جواب ۾ چئون ٿا تہ وسيلا وٺڻ جهڙي طرح اعمالن سان جائز آهي اهڙي طرح خدا جي نيڪ بندن جو وسيلو وٺڻ بہ صحيح آهي جو تہ حضرت عمر رضي الله عنہ جي دور ۾ ذڪر

رسول صلي الله عليه وسلم کي فرياد ڪري رهيو آهي، جيڪو مومن تي ڪمال رحمدل ۽ مهربان آهي ته ڇا خدا تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم لاءِ اهو روا نه ٿيندو ته سواليءَ جي صدا پوري ڪري ڇڏي. اگر اوهين انهيءَ کي مڃو ٿا ته اسانجو مطلب به اهو ئي آهي، پر جي انڪار ٿا ڪريو ته پوءِ صحيح دليل پيش ڪريو.

ڏسو هڪ حديث ۾ آيو آهي جيڪا امام بخاري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي آهي ته حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه چون ٿا ته حضور عليه السلام فرمايو ته الله تعاليٰ فرمايو آهي ته جو شخص منهنجي مقرب دوست سان عداوت ڪندو ته آءٌ ان سان اعلان جنگ ڪندس. منهنجي بارگاه ۾، انسان لاءِ مونکي قريب ٿيڻ جو وسيلو، انڪان زياده نه آهي، ته جيڪي منهنجا فرائض آهن انهن کي ادا ڪري ۽ اهڙي طرح منهنجو بندو نفلن ذريعي منهنجي قريب ٿيندو ٿو وڃي تان جو سان هنکي پنهنجو محبوب ڪريو ڇڏيان ته پوءِ سان خود هنجي قوت سماعت ٿيو پوان جنهن سان هو ٻڌي ٿو، سان خود هن جي قوت بصارت ٿيو پوان جنهن سان هو ڏسي ٿو، هاڻي اوهين پاڻ ٻڌايو ته خدا تعاليٰ جو وڏو مقرب هنجي حبيب رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪان زياده ٻيو ڪير آهي!! ثابت ٿيو ته حضور عليه السلام خدا جي سماعت سان سڻن ٿا، خدا جي بصارت سان ڏسن ٿا. ته پوءِ پڪارڻ وارو ڪٿي ويجهو هجي يا پري پاڻ انجي پڪار چونه ٻڌندا. ويجهڙائي يا پراهين جو فرق ته اسان جي لاءِ آهي ۽ نه حضور عليہ السلام جي لاءِ انهيءَ جو مشاهدو اهوئي ڪري سگهي ٿو، جنهن جي ينهين اکين ۾ نور الاهي جو سرمو لڳل هجي.

# قبور انبياءَ ۽ اولياءَ جي زيارت

اختلافي مسئلن مان هڪ مسئلو انبياءَ ۽ اوليا جي قبرن جي زيارت جو به آهي. مخالف چون ٿا ته قبرن ۽ مقبرن جي زيارت لاءِ سفر ڪرڻ بدعت آهي، اگرچه اها قبر رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي ڇونه هجي! ڪي چون ٿا اهو شرڪ آهي، بهرحال انهن جو پاڻ ۾ ئي وڏو اختلاف آهي.

مونکي خبر نٿي پوي ته اهي ڪيئن ساري امت محمديه کي مشرڪ بنائڻ جي جرئت ٿا ڪن، جيڪا عهد رسالت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هلندي ٿي اچي. رسول خدا صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي ته منهنجي امت گمراهيءَ تي متفق نه ٿيندي ۽ هن "جماعت" تي خدا جو هٿ آهي، اهو معلوم هجي ته جيڪو شخص ڪنهن مومن کي اهو لفظ چوي ته اي ڪافر ته انهن مان هڪ ضرور ڪفر تي مرندو. (والي الله المشتڪي) انهيءَ کي قطع نظر ڪندي لکجي ٿو ته زيارت قبور متعلق ڪيترين ئي حديثون آيل آهن ۽ اهل علم جا تحقيقي قول پڻ موجود آهن. اسين چئون ٿا ته جا خدا تعاليٰ هيئن نه فرمايو آهي.

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ۝

ته اي نبي (صلي الله عليه وسلم) جن ماڻهن پنهنجي جان تي ظلم ڪيو هو، اگر اهي اوهان وٽ اچن ها ۽ الله تعاليٰ کان معافي گهرن ها ته توهين خدا جا رسول به انهن لاءِ مغفرت طلب ڪريو ها، ته اهي ضرور خدا تعاليٰ کي مهربان ۽ توبه

قبول ڪندڙ پائڻ ها (پاره ٥ سورة النساء رڪوع ٩)

هاڻي توهين ٻڌايو ته ڇا هن آيت ۾ خدا تعالي جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زندگي جو شرط لڳايو آهي؟ جيئن توهين انجي تاويل ڪندا آهيو، يا اهو شرط لڳايو اٿس ته پڪارڻ وارو ويجهو هجي يا پري، جيئن توهان جو خيال آهي. نه نه اها آيت عام مفهوم رکي ٿي: خواه ڪو زندگيءَ ۾ اچي يا ڪو سندن وفات بعد اچي، خواه ويجهو هجي يا پري هجي.

قديم توڙي موجوده امت جو اتفاق آهي ته قبرن جي زيارت ڪرڻ جائز آهي ۽ صالحن جي قبرن جي زيارت لاءِ ترغيب ڏيڻ به جائز آهي، ڇاڪاڻ ته زيارت قبور ۾ ميت کي به فائدو ٿو پهچي جو ان لاءِ دعاءِ مغفرت گهري وڃي ٿي ۽ انجي روح کي قراة قرآن جو ثواب بخشيو وڃي ٿو ۽ ساڳئي وقت زيارت ڪندڙ کي به فائدو پهچي ٿو جو هو هوشيار ٿئي ٿو ۽ موت لاءِ تياري ڪري ٿو ۽ خدا تعالي جي نيڪ بندن جا ارواح بارگاه الاهي هن لاءِ شفاعت ڪن ٿا.

جاهل ماڻهو اتي وڃي جو ڪجهه ڪن ٿا مثلا قبر کي سجدو ڪرڻ يا انجو طواف ڪرڻ، ته اهو بهرحال حرام آهي. اهل علم وارن جو اهو فرض آهي ته انهن کي آداب زيارت جي تعليم ڏين مگر اصل زيارت کان منع نه ڪن. ڇا توهين ٻڌا ڏسو ته جڏهن ڪو نابين مسجد ۾ اچي نماز پڙهي ٿو ۽ انجو رخ قبله ڏانهن نه آهي ته ڇا ڏسڻ واري تي اهو فرض نه آهي ته انکي ٻڌائي ۽ هنجو منهن قبله ڏانهن ڪري يا اهو فرض نه ٿيندو ته هنکي اتي نماز پڙهڻ کان ئي روڪي ڇڏي.

مگر انهن جو اهو دليل ته حديث ۾ آيو آهي ته ٽن مسجدن کانسواءِ ٻئي ڪنهن به مقام ڏانهن سواريءَ تي سفر ڪرڻ نه گهرجي، ته انهيءَ جو جواب هي آهي ته اها حديث خاص مسجدن لاءِ مخصوص آهي، جيئن ته هن حديث جي بعض

٣٠ سورة الڪوثر رڪوع ١) هڪ دفعي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم ڪوه صفا تي تبليغ اسلام جي لاءِ قريش کي سڏيو هو. وعظ جي آخر ۾ ابولهب چوڻ لڳو ته ڇا انهيءَ ڪم جي لاءِ توهان اسانکي دعوت ڏني هئي؟ وري چوڻ لڳو ته خدا ڪري تون شال جلد تباه ٿي وڃين! انهيءَ تي خدا تعاليٰ ناراض ٿيو ۽ پنهنجي حبيب جي طرفان جواب ڏنو ته ابولهب جا ٻئي هٿ تباه ٿيندا ۽ هو خود به تباه ٿي ويندو. هاڻي انصاف پسند طبيعت رکندڙ ڪان سونکي اميد آهي ته اهي خود قول وهابيه ۽ قول ابولهب جي پيٽ ڪندا. قول وهابيه هي آهي ته نماز ۾ حضور عليه السلام جو تصور فلاڻي بدترين جانور جي تصور کان به زياده برو آهي ۽ ابولهب جو قول هي آهي ته اي نبي تون هلاڪ ٿي وڃين. هاڻي اوهين ٻڌايو ته ڪنهن جو قول زياده خراب ۽ بدنام آهي ۽ ڪنهن جو نه آهي. ابولهب کي اها سزا ملي وئي جو تبالڪ چئي جهنمي ٿي ويو. مگر انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيندو جن اهڙا گندا الفاظ استعمال ڪيا آهن! افسوس جو وحي بند ٿي چڪي آهي ورنه هينئر ئي فيصلو ٿي وڃي. هاڻ انهن جو منهن ڪير ٿو پڇي سگهي.

اهي ماڻهو هيئن به چون ٿا ته نمازيءَ کي تشهد ۾ اهو چوڻ جائز نه آهي ته اي نبي توهانتي سلام هجي ۽ توهانتي خدا جي رحمت ۽ برڪت نازل هجي بلڪ غائب سمجهي چوي ته اسانجي نبي تي سلام هجن.... تانڪ حاضري ۽ خطاب جي لفظ کان بچي وڃي جاڪڻ ته انهيءَ ۾ اشارو آهي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جو روح مبارڪ حاضر ٿئي ٿو. اسين چئون ٿا ته جڏهن غائب جو لفظ اختيار ڪرڻ سان سندن حاضري نه ٿيندي، پوءِ ٻڌايو ته جڏهن نمازي "السلام علي النبي" چوندو

۽ غائبانہ لفظ سان درود ۽ سلام موڪليندو تہ سندن تصور وري ايندو، اهو تصور يا تہ تعظيم ۽ توقير جي صورت ۾ ايندو يا تہ معاذالله توهين ۽ حقارت جي شڪل ۾ ايندو بس اگر اهو تصور عزت ۽ توقير سان هوندو تہ وهابين جو اصول ٽٽي ويندو جيڪو مسئلي جي شروع ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ نبي عليہ السلام جو تصور مفسد صلواة آهي ۽ ڳڏهہ جي تصور سان نماز ٽٽي پوي. اگر معاذالله حقارت سان تصور ڪندا تہ پوءِ ڇڻ اسلام جي بنياد جون پاڙون پٽي اڇلائي ڇڏيائون. الله تعالي شال مناسب رستي تي هلڻ جي اسانکي هدايت ڏئي.

## حضور صلي الله عليه وسلم جي نالي مبارڪ کان اول سيدنا چوڻ

انهن مسئلن مان هڪ مسئلو هي بہ آهي تہ آيا نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي نالي مبارڪ کان اول سيدنا جو لفظ چوڻ جائز آهي يا نہ؟ مخالف چون ٿا تہ اها زيادتي بدعت آهي. خيرالقرون جي وقت ۾ ائين نہ هو. مگر مان چوان ٿو تہ زماني جي تبديلي سان محاورات بہ تبديل ٿي ويندا آهن. توهين پاڻ ٻڌايو تہ ڇا مولانا، شيخنا، حضرتنا وغيره وغيره جا لفظ خيرالقرون جي زماني ۾ استعمال ٿيندا هوا؟ حالانڪ موجوده وقت ۾ اگر ڪنهن صاحبِ علم کي ڪو رڳو نالي سان سڏيو وڃي ۽ ڪوبہ تعظيم جو لفظ نہ ڳنڍيو وڃي تہ صاحب جو منهن ڦري ويندو ۽ پنهنجي بي عزتي ۽ گهٽتائي ڄاڻندو. بس انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم سڀ کان زياده عزت وتوقير جا مالڪ آهن.

ڇا خدا تعالي حضرت يحي عليہ السلام جي حق ۾ هيٺ

# امڪان ڪذب

انهن مسئلن مان هڪ مسئلو هي به آهي ته معاذ الله ڇا الله تعاليٰ ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو يا نه؛ مخالف چون ٿا ته عذابي وعيد ۾ ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو. انهيءَ مسئلي جو نالو انهن ڪمبختن امڪان ڪذب رکيو آهي.

اسين جواب ۾ چئون ٿا ته ذات خدا وندي ڏي ڪوڙ کي منسوب ڪرڻ ناجائز آهي ۽ واعدو ڪري سزا نه ڏيڻ کي وعده خلافي نه چئبو آهي بلڪ اصول اختياري جي تبديلي آهي ۽ انهيءَ خود اختياري کي ڪو به ڪوڙ چئي نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته ڪوڙ هڪ لعنت آهي جنهن کان انسان به نفرت ٿو ڪري ته پوءِ بلا خدا تعاليٰ انهيءَ کان ڇو نه نفرت ڪندو. بس قيامت جي ڏينهن عذاب بدران مغفرت جو استعمال ڪرڻ، اهو خدا تعاليٰ جو رحم ۽ مهرباني ٿيندي جنهن کي ڪوڙ نه چئبو. ارشاد آهي:-

”بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ“

ته ”ڪافر انهيءَ قرآن ڪريم جي تڪذيب ٿا ڪن (يعني ڪوڙو ٿا چائن) جنهن کي هو خود چڱي طرح سمجهي نه سگهيا“ (پاره ١١ سورة يونس رڪوع ٤) وري ارشاد آهي:-

وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ○

ته ”اهي ڄاڻن ٿا ۽ ڄاڻي واڻي خدا تي بهتان ٿا هڻن“ (پاره ٣ سورة آل عمران رڪوع ٨) انهن آيتن ۾ الله تعاليٰ ڪوڙ جي لعنت کي ڪافرن جي حق ۾ ذڪر ڪيو آهي ته اها انهن جي عادت آهي. بس مسلمان اهو ڪيئن گوارا ڪري ٿو سگهي ته انهيءَ لعنت کي پنهنجي خدا سان نسبت ڏئي!

تجربه شاهد آهي ته عادي ڏوهارين کي حاڪم قيد يا قتل جي سزا ڏيندا آهن مگر ڪنهن خاص مقرب جي سفارش تي يا پنهنجي رحم دلي سان يا ملزم جي رحم جي درخواست تي انهن کي معافي به ڏئي ڇڏيندا آهن بلڪ آزاد به ڪري ڇڏيندا آهن، ته ڇا انهن حاڪمن کي انهيءَ صورت ۾ واعده خلاف يا ڪوڙو چئي سگهجي ٿو؟ هرگز نه، بلڪ انهيءَ معافي جو نالو ذاتي اختيار جو استعمال، احسان ۽ ڪمال مهرباني آهي. حاصل مقصد ته جيڪو شخص انهيءَ رحيمانه سلوڪ خدا وندي کي (جيڪو خدا تعاليٰ پنهنجن ڏوهاري بندن جي حق ۾ استعمال ڪندو) ڪذب يعني ڪوڙ جو عنوان ڏين ٿا سي خود خدا تعاليٰ تي ڪوڙ ٿا ٻڌن. توهين پاڻ ٻڌايو ته اهڙي شخص کان وڌيڪ ٻيو ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي خدا تي ڪوڙ ٻڌي يا انجي آيتن جي تڪذيب ڪري. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته ظالمن جي نجات نه ٿيندي. مخالف اعتراض ڪندا آهن ته جڏهن خدا تعاليٰ هر شي تي قادر آهي ته پوءِ ڪوڙ تي ڇو نه قادر ٿيندو؟ جواب هي آهي ته بيشڪ صحيح آهي ليڪن قدرت الاهي نا مناسب ڪم ڏانهن متوجه نه ٿيندي آهي. چنانچه خدا تعاليٰ پنهنجو شريڪ پيدا نه ٿو ڪري. بس اهڙي بڪواس کان انسان جو فرض آهي ته پنهنجي زبان کي روڪي.

# صالحن جي ارواحن کان مدد وٺڻ

انهن مسئلن مان استمداد جو مسئلو به آهي. مخالف چون ٿا ته اهو ناجائز آهي. جيڪو شخص الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کان مدد طلب ڪري ٿو اهو خدا تعاليٰ سان شرڪ ٿو ڪري. مان چوان ٿو ته انهيءَ تي ٻن طريقن سان بحث آهي. اول صرف استمداد ۽ عدم استمداد تي، ٻيو استمداد مان نفعو ۽

عدم نفعي ٿي.

نفس استمداد يعني ڪنهن کان امداد طلب ڪرڻ. اهـا ته جيئرن کان عام طرح حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ جو گهڻو استعمال به آهي ۽ عام آهي. چنانچه مخالف به دنيوي ڪمن ڪارن ۾ مثلا مدرسن جي تعمير مذهب وهابيه جي تبليغ ۽ اخبارن ۽ رسالن جو جاري ڪرڻ ۾ مدد وٺن، انهن وٽ به نظر ايندو. جڏهن ٻين کان مدد وٺڻ هر لحاظ کان شرڪ آهي ته پوءِ مخالف خود به شرڪ ڪري رهيا آهـن ۽ نفس استمداد منجهه، اسان ۾ هنن ۾ ڪوبه فرق نـه آهي. ليڪن اهو فرق ضرور آهي ته آهي فاني جسمن کان استمداد ڪندا آهن (يعني مدد وٺندا آهن) ۽ اسين پاڪ غير فاني روحن کان استمداد يعني مدد وٺون ٿا.

هاڻي باقي رهيو استمداد مان نفعو ـ ته الله تعاليٰ اگر چاهي ته اسانکي پاڪ ارواح فائدو ڏين ٿا ۽ هنن کي وري فاني جسم نفعو ڏين ٿا. اگر الله نه چاهي ته نه اسانکي انهن کان نفعو ملي ٿو ۽ نه انهن کي. اگر اهي هيئنئن چون ته اسين جيئرن کان مدد وٺون ٿا ۽ توهين مَرِدن جي روحن کان مدد وٺو ٿا ته اسين چئون ٿا ته دراصل توهين به روحن کان ئي مدد وٺو ٿا ڇاڪاڻ ته درحقيقت ڏيندڙ يا روڪيندڙ انسان جو روح ئي هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو جسم کان خارج هجي يا انم داخل هجي.

## ٻارن جا نالا انبياءِ عليهم السلام يا صلحاءِ امت ڏانهن منسوب ڪرڻ

انهن مسئلن مان هڪ هيءُ مسئلو به آهي ته ڪي ماڻهو پنهنجن ٻارن جا نالا انبياءِ عليهم السلام يـا صلحاءِ امت ڏانهن منسوب ڪندا آهن، ليڪن مخالف تن تي شرڪ جي فتوي

پوءِ مون پڇيومانس ته اي شيخ ڪهڙو ڏنڌو ڪندو آهين؟ نجدي چيو ته تجارت، ان لاءِ بمبئي ۽ ٻين هنڌن آمدرفت ڪندو آهيان. تنهن تي مون چيو ته جنهن صورت ۾ شد رحال فقط ٽن مسجدن لاءِ خاص آهي، ته پوءِ تجارت وغيره لاءِ مسافري ڇو ٿا ڪريو؟ ڇو جو شد رحال ڪانسواءِ سفر ڪرڻ ته ناممڪن آهي. ان ڪانپوءِ گهڙي کن خاموش رهيو ۽ بس ڪري ويهي رهيو.

پوءِ مون پڇيومانس ته ڪهڙي ڪم سان مون وٽ آيا هئا، چيائين ته "جئت لا زورڪ" تنهنجي زيارت ڪرڻ آيو آهيان. تنهن تي مون چيومانس "والعجب يا ايها الشيخ جئتني لزيارتي و تمنعني عن سلامه عليه و علي آله و اصحابه اجمعين." معني ته عجب آهي جو تون منهنجي زيارت لاءِ آيو آهين ۽ مونکي حضرت سيد الاولين و الاخرين جي زيارت کان منع ٿو ڪرين!! هي ٻڌڻ سان ئي نجدي اٿيو ۽ هليو ويو ۽ بحث پورو ٿيو.



مقبرو شريف حضرت خواجه عبدالرحمان جان ، حضرت خواجه محمد حسن جان،
حضرت شاه آغا ۽ حضرت خواجه غلام علي جان